SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1986

# SINDH ACT NO.III OF 1986

# سنڌ فنانس ايڪٽ، 1986

# THE SINDH FINANCE ACT, 1986

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II of 1899

3. 1958 جي W.P Act X جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of W.P Act X of 1958

4. 1963 جي W.P. Act IX جي منسوخي

Repeal of W.P. Act IX of 1963

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1986

# SINDH ACT NO.III OF 1986

# سنڌ فنانس ايڪٽ، 1986

# THE SINDH FINANCE ACT, 1986

[30 جون 1986]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪن محصولن ڪي معقول بڻايو ۽ ڪن محصولن ڪي ختم ڪيو ويندو ۽ ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪن محصولن ڪي معقول بڻائڻ ۽ ڪن محصولن ختم ڪرڻ ۽ ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ ڪي سنڌ فنانس ايڪٽ، 1986 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جولاءِ 1986 کان نافذ العمل هوندو.

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1899

2. اسٽيمپ ايڪٽ 1899 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ:

دفعہ 27 کانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

(شهري غير متحرڪ ملڪيت جو ملهہ طئي ڪرڻ)

"27-A. جڏهن ڪنهن شئي تي شيڊول پهرين جي آرٽيڪل 23 يا آرٽيڪل 31 تحت محصول ورتو وڃي ٿو ملڪيت جو

اگھہ مخصوص علائقي يا مقامي هنڌ تي ڪليڪٽر طرفان ڄاڻايل ملهہ واري ٽيبل تحت لڳايو ويندو:
بشرطيڪ ملهہ واري ٽيبل ۾ ڄاڻايل اگھہ اهڙيءَ ملڪيت تي لاڳو ڪيو وڃي، جيڪو محسوس ٿئي تہ وڌيڪ آهي، تہ ڪمشنر، متاثر ٿيل ماڻهو جي ڏنل درخواست تي غور ڪري، صحيح نرخ مقرر ڪري سگھي ٿو ۽ ان مقصد لاءِ دفعہ 31 ۽ دفعہ 32 جون گنجائشون ضروري تبديليءَ سان لاڳو ٿينديون.".
(b)آرٽيڪل 23 جي شيڊول ۾ هيٺيون متبادل بڻايو ويندو:
"23. ڪنوينس ٽرانسفر (Conveyance Transfer) جيئن دفعہ (10)2 ۾ ڄاڻايو ويو آهي، نمبر 62 هيٺ اوڳاڙيا ۽ انهن تي ڇوٽ ڏني ويندي:

| | |
|---|---|
| (a)غير متحرڪ جائيداد جي صورت ۾ جيڪا زرعي زمين يا زرعي مقصدن ڪانسواءِ هجي ۽ شهري ايراضي ۾ هجي. | هر هڪ سئو رپين يا ان جي ڪنهن حصي لاءِ اٺ رپيا، ملڪيت جي ملهہ موجب. |
| ڪنهن ٻي صورت ۾ | هر هڪ سئو رپين يا ان جي ڪنهن حصي لاءِ ڇهہ رپيا، ملڪيت جي ملهہ موجب. |

وضاحت: شق (a) "شهري ايريا" معنيٰ آهي
(i)سرڪار طرفان، سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 جي دفعہ 3 تحت ڄاڻايل ايراضي؛ يا
(ii) اها ايراضي جيڪا اهڙيءَ زمين سان لاڳاپيل هجي، جنهن

كي عمارت جي سائيٽ طور ڪنيو ويو هجي، يا ان سان شامل هجي ۽ جنهن کي سرڪار پاران شهري ايراضي قرار ڏنو ويو هجي.

1958 جي W.P Act X جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of W.P Act X of 1958

3. سنڌ انٽرٽينمينٽ ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ، سواءِ هيٺان ڏنل شرطيہ بيانن ۽ وضاحت جي، هيٺيون ذيلي دفعہ تبديل ڪيو ويندو:
"(1) تفريح لاءِ داخل ٽيڪ تي 75 سيڪڙو ڊيوٽي لڳائي ويندي، جيڪا سرڪار کي ڏني ويندي."

1963 جي W.P. Act IX جي منسوخي
Repeal of W.P. Act IX of 1963

4. سنڌ فنانس ايڪٽ، 1963 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.